# ٻارن لاء بائبل

تحفو

## داني ايل

## جيل ۾



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Jonathan Hay
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Mary-Anne S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

دانيال ۽ سندس ٽي دوست اسرائيل ۾ رهندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ وڏو بادشاهه انهن جي ملڪ ۾ آيو ۽ سڀني چڱن خوبصورت مڙسن کي پنهنجي ملڪ وٺي ويو. بادشاهه جو وڏو نالو هو، نبوڪد نضر. ۽ هو هڪ پري ملڪ ۾ رهندو هو جنهن کي بابل سڏيو ويندو هو.



بابل ۾ نوجوانن سان تمام سٺو ورتاوء ڪيو ويو. بادشاهه دنيا جي هر ملڪ مان هوشيار ۽ بهترين نوجوانن کي چونڊيو هو. هن انهن کي بابلي ٻولي ۾ تربيت ڏيڻ جو منصوبو ٺاهيو ته جيئن اهي هن جا خادم بڻجي سگهن ۽ سلطنت کي هلائڻ ۾ مدد ڪن.



ڪاڌو به سڻو هو. بادشاهه جيڪو ڪائيندو سو نوجوان ڪائيندا
هئاء. پر داني ايل ۽ سندس ساٿين اهو ڪاڌو نه ڪاڌو، چاڪاڻ ته
اهو ڪوڙي ديوتائن لاءِ وقف ڪيو ويو هو. داني ايل واعدو
ڪيو ته هو پنهنجي خُدا جي خلاف ڪجھ به نه ڪندو. بني
اسرائيل جي خُدا پنهنجي قوم کي چيو ته بتن يا ڪوڙي ديوتائن
سان ڪوبه تعلق نه رکو.



داني ايل ان شخص کي ٻڌايو، جيڪو کيس تربيت ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو ته هو بادشاهه جو کاڌو نه کائيندو. بادشاه کي جيڪڏهن معلوم ٿيو ته ڏاڍو ناراض ٿيندو. پر خُدا داني ايل کي هن شخص جي نظر ۾ مقبول ڪيو هو.



هن دانيال ۽ سندس دوستن کي هڪ امتحان ڏيڻ تي اتفاق ڪيو. ڏهن ڏينهن تائين اهي صرف پاڄيون کائيندا ۽ صرف پاڻي پيئندا. ڏهن ڏينهن جي آخر ۾، دانيال ۽ سندس دوست ٻين سڀني نوجوانن کان وڌيڪ صحتمند نظر آيا، جن بادشاهه جي ماني کاڌي. تنهن ڪري انهن کي پاڄين ۽ پاڻي سان جاري رکڻ جي اجازت ڏني وئي.



انهن نوجوانن خُدا جي عزت ڪئي. ۽ خُدا ڪين عزت ڏني. خُدا
انهن کي انهن شين ۾ علم ۽ مهارت ڏني، ۽ داني ايل کي سپني
خوابن ۽ خوابن کي سمجهڻ جي حڪمت ڏني.





بابل ۾ ٽن سالن جي اسڪول کان پوءِ،
سپني نوجوان مردن کي بادشاهه
نبوڪدنضر جي آڏو پيش ڪيو ويو.
هن داني ايل ۽ سندس ٽن دوستن کي
بهترين طور چونديو. حقيقت ۾،
بادشاهه دريافت ڪيو ته داني ايل
پنهنجي بادشاهي ۾ سپني دانشورن
کان وڌيڪ حڪمت
حاصل ڪئي.

هڪ رات بادشاهه کي هڪ خراب خواب آيو. هن پنهنجي جادوگرن، نجومي ۽ نصيب ٻڌائڻ وارن فالگيرن کي سڏيو ۽ اهي سڀ سندس اڳيان بيٺا. بادشاهه چيو، "مون هڪ خواب ڏٺو آهي ۽ منهنجو روح ان خواب کي ڳولڻ لاءِ بيچين آهي."



دانشورن جواب ڏنو ته، "اي بادشاهه، هميشه تائين جيئرو هُج! اهو خواب اسان نوڪرن کي ٻڌاءِ ۽ اسين ان جي تعبير ڪنداسين".

بادشاهه وراڻيو ته "نه! توهان مون کي ٻُڌايو ته مون ڇا خواب
ڏٺو ۽ ان جي معنيٰ ڇا آهي، جيڪڏهن ائين نه ڪنداوء ته
توهان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو ۽ توهان
جا گهر ساڙيا ويندا پر جيڪڏهن توهان
مون کي اهو خواب ۽ ان جو مطلب ڇا
آهي ٻڌايو." بادشاهه وراڻيو، "ته توهان
کي تحفا ۽ انعام ۽ وڏي عزت ملندي."
درحقيقت ڪو به
عقلمند ماڻهو
بادشاهه جو
خواب ٻڌائي
نه سگهيو.



بادشاهه جي ڏاهن ماڻهن بادشاهه کي چيو ته "دنيا تي ڪوبه ماڻهو ڪونهي جيڪو ڪري سگهي جيڪو تون گهري رهيو آهين، رڳو ديوتا ئي ڪري سگهن ٿا، ۽ اهي زمين تي نه رهندا آهن." بادشاهه ڏاڍو ناراض ٿيو. "بابل جي سڀني دانشورن کي تباهه ڪريو!" هن حڪم ڏنو.



جڏهن سپاهي داني ايل وٽ آيا،
تڏهن هن بادشاهہ جي صوبيدار
اريوڪ کي چيو تہ "بادشاهه سپني
دانائن کي چو برباد ڪري رهيو
آهي؟" اريوڪ پوءِ ٻڌايو ته ڇا ٿيو
هو. داني ايل بادشاهه سان ملڻ ويو.
هن وڌيڪ وقت گهريو ته جيئن
بادشاهه کي پنهنجي خواب جي
تعبير ٻڌائي سگهي.



پوءِ دانيال گهر ويو ۽ پنهنجن دوستن
حننياه، ميساايل ۽ عزراياه کي سڀ
ڪجهہ ٻڌايو. داني ايل کي خبر نہ هئي تہ
خواب ڇا هو يا ان جو مطلب ڇا هو، پر
هو اُنهين کي ڄاڻي ٿو جيڪو سڀ ڪجهہ
ڄاڻي ٿو. ۽ اهو ڄاڻن وارو خُدا آهي. پوءِ
داني ايل ۽ سندس ساٿين دعا ڪئي.



خُدا داني ايل کي خواب ۽ ان جي معنيٰ ڏيکاري. داني ايل
آسمان جي خُدا کي برڪت ڏيندي چيو ته، "برڪت وارو نالو
هميشه لاء خُدا جو آهي، حڪمت ۽ طاقت سندس آهي." داني
ايل جلد ئي بادشاهه ڏانهن ويو ۽ کيس چيو تہ "آسمان ۾ هڪڙو
خُدا آهي جيڪو راز ظاهر ڪري ٿو." هن
بادشاهه کي ٻڌايوآهي ته
هن ڇا خواب
ڏٺو هو ۽ ان
خواب جو
مطلب
ڇا هو.



جڏهن نبوڪدنضر بادشاهه اهو خواب ۽ ان جو مطلب ٻڌو، ته هو دانيال جي اڳيان ڪري پيو ۽ چيو ته، "حقيقت ۾ توهان جو خُدا ديوتا ئن جو خُدا آهي، ۽ بادشاهن جو رب، ۽ رازن کي ظاهر ڪندڙ آهي، ڇاڪاڻ ته توهان هن راز کي ظاهر ڪري سگهو ٿا!" پوءِ بادشاهہ دانيال کي وڏو ماڻهو بڻايو ۽ کيس ڪيترائي وڏا تحفا ڏنائين. هن کيس بابل جي سڄي صوبي تي حاڪم ڪيو، ۽ بابل جي سڀني دانشورن تي سردار ڪيو.



داني ايل جيل ۾

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

داني ايل١ ـ ٢

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

ختم

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوءِ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاءِ مري ويوءِ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.